# سچي ڪمائي

هردوار ۾ هِڪ غريب موچي رهندو هو هو گنگا جي گهاٽ تي ويهي سڄو ڏينهن ڪم ڪندو هو. رات جو پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ وڃي سُمهندو هو. محنت ڪري جوُتا ناهي ڪُجهه پئسا ڪمائيندو هو. اهڙيءَ طرح رُکي سُکي روٽي کائيندو هو. هو هميشهه ڪم ڪرڻ وقت ڀڄنَ ڀيو ڳائيندو هو ۽ آئي وئي کي کلي ڪري ڪيڪاريندو هو. پنهنجن گراهڪن سان بيحد پيار نمرتا سان ڳالهائيندو هو. هو تمام خوش هو.

هِڪ ڏينهن هِڪ ساڌو هِنَ وٽ آيو. ساڌوءَ پنهنجي جهولي مان پٿر ڪڍي ڪيس ڏنو ۽ چيائينس، ” هيءُ پارس جو پٿر آهي. لوهه کي سون ۾ بدلائيندو آهي. تون پاڻ وٽ رک.“ موچيءَ چيس،”مهاراج معاف ڪجو. مان محنت سان ڪمائيندو آهيان. مونکي ڪنهن جي بہ مددجي ضرورت نہ آهي. سادي ڪاڏي ۽ سادي جهوپڙيءَ ۾ مان بلڪُل خوش آهيان راضي پرسن آهيان.“ جڏهن ساڌوءَ پٿر وٺڻ لاءِ زور پريس تہ موچيءَ مُشڪي چيو، ”ساڌو بابا هيءُ پٿر تہ ڪنهن امير ماڻهو کي ڏيو ڇو جو امير ماڻهو ڏڻُ هوندي بہ غريب آهن. اُنهن کي هميشهه پئسن جي گهُرج هوندي آهي. مُون مسڪين موچيءَ لاءِ محنت ۾ ئي مزو آهي. ڇا ڪندس هيءُ پارس جو پٿر؟“ ساڌو سمجهي ويو تہ موچي لالچي ڪونہ آهي موچي پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو ۽ ساڌو اُتان هليو ويو .

نصيحت: اَسان سڀني کي محنت ڪري ڪمائڻ گهُرجي. اُن ۾ سچي برڪت آهي.


12B/2 Jethi K. Sipahimalani Soc., Mahim, Mumbai 400016, India 0091 22 24464941/ 9821473200
www.sindhisangat.com, www.sindhisaathi.org, www.sindhisangat.tv, info@sindhisangat.com